# حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه

(1919_1993ع)

آج اک اور برس بیت گیا اُسکے بغیر
جس کے ہوتے ہوئے ہوتے تھے زمانے میرے

حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جا سترهون نمبر سجّاده نشين، محسن علم و ادب عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ رحمة الله عليه ولد حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه 9 محرم 1338ھ مطابق 4 آڪٽوبر 1919ع تي هالا نوان ۾ تولد ٿيا. ننڍپڻ پنهنجي ڳوٺ هالا ۾ گذاريائون، ٻه شاديون ڪيائون، پهرين شادي پنهنجي عزيزن اَچ شريف وارن پيرن مان پير ميان صدّيق محمد صدّيقي قريشيءَ رحمة الله عليه[429] وٽان حضرت

[429] پير ميان صدّيق محمد رحمت الله عليه، حضرت مخدوم محمد امين اول رح جي اولاد مان هئو. سندس سلسله نسب هن طرح آهي: پير ميان صدّيق محمد بن ميان ونهيل بن ميان ٻڍل بن ميان ونهيل بن ميان لائق ڏنو بن ميان نيندو بن ميان لائق ڏنو بن ميان جمن

Gul Hayat Institute

۽ ادبي خدمات طور صدر ايوب خان جي دور اقتدار ۾ ”تمغهٔ پاڪستان“ ڏنو ويو. پاڻ ٻه پيرا سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين پڻ رهيا. جنرل ضياءُ الحق جي آمرانه دور ۾ حڪومت طرفان زور رکيو ويو ته پاڪستان پيپلزپارٽي ڇڏي حڪومت جي حمايت ڪن. ليڪن پاڻ پاڪستان پيپلزپارٽي ڇڏڻ بجاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين شپ تان استعيفا ڏئي ڇڏيائون. ڪين پ پ جو مرڪزي وائيس چيئرمين چونڊيو ويو ۽ پاڻ آخر تائين ان عهدي تي فائز رهيا. سندن هڪڙو اهم فيصلو پ پ جي هالا ڪنوينشن جو انعقاد هو جنهن ۾ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هن ڪنوينشن ۾ اڳوڻي مغربي ۽ مشرقي پاڪستان مان سياسي اڳواڻ ۽ مندوبين شريڪ ٿيا. پاڻ 1947ع جي تحريڪ آزادي جا سرگرم ڪارڪن رهيا. 1950ع جي ٽائون ڪميٽي هالا جا صدر ۽ 1960ع ۾ چيئرمين ٿي رهيا. 1971ع ۾ قومي اسيمبليءَ جي ميمبر جي حيثيت سان پاڻ هالا تڪ مان وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيا. 1973ع ۾ شهيد ڀٽو جي دور ۾ سنڌ ۾ آيل خطرناڪ ٻوڏن دوران پنهنجي سروري جماعت جي خليفن ۽ مريدن سان گڏجي بندن جي حفاظت ڪيائون. ڪين 1990ع ۾ صدر پاڪستان غلام اسحاق خان ادب، ثقافت ۽ سماجي خدمتن جي اعتراف طور ”هلالِ امتياز“ ڏنو.

پاڻ ڪيترن ئي تعليمي ادارن جا سرپرست به هئا. سندن سرپرستيءَ ۾ جيڪي تعليمي ادارا هلندڙ هئا انهن ۾ ”سروري اسلاميه ڪاليج هالا“، ”طالب المولىٰ اورنٽيئل ڪاليج“، ”سنڌ مليه ڪاليج حيدرآباد“ ۽ ”طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادو“ شامل آهن. ان ڪانسواءِ ڪپري جي هاءِ اسڪول جي هاسٽل پڻ پاڻ ٺهرايائون. پاڻ صحافين جي پڻ مختلف طريقن سان مدد ڪندا هئا. پاڻ لوڪ ادب جي به سرپرستي ڪندا هئا ۽ وقت بوقت سگهڙن جي ڪچهري ڪرائيندا هئا.

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن جي حياتيءَ ۾ سندن ڪافي تصنيفون شايع ٿيون جن ۾ ”بهارِ طالب“، ”رباعياتِ طالب“، ”خود شناسي“، ”شيطان“، ”اسلامي تصوف“، ”امام غزاليءَ جا خط“، ”يادِ رفتگان“، ”مثنوي عقل ۽ عشق“، ”ڪچڪول“، ”ڇپر ۾ ڇڙيون“، ”ڪافي“، ”ديوان طالب المولىٰ“، ”شانِ سروري ﷺ“، ”بي پير اڪيون“، ”سنڌ جو شڪار“، ”مصريءَ جون ٽڙون“، ”ڇهنڊڙيون“ ۽ ”آبِ حيات“ وغيره شامل آهن.

Gul Hayat Institute

پاڻ سروري تنظيم جا سرپرست اعليٰ هئا ۽ ڪيترن ئي مسڪينن، بيواهن ۽ يتيمن جي اهڙي طرح سار سنڀال لڌائون ۽ امداد ڪيائون جنهن جي خبر صرف سندن ذات تائين محدود هئي.

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينءَ هڪڙي تاريخ ساز دور جو نالو آهي. انهيءَ مبارڪ نالي وٽ سان دنيائي رنگ و بو جا لاتعداد اڻ وسرندڙ واقعا اکين جي آڏو اچيو وڃن ٿا اُهي ديني، سماجي، سياسي ۽ علمي واقعا سنڌو درياءَ وانگر آهن. جن کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ ممڪن ڪونهي. حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينءَ زبردست سحر انگيز شخصيت جا مالڪ هئا، جنهن جو اثر ايڏو آهي جو اڄ هيترن سالن کان پوءِ بہ ائين ٿو لڳي تہ ”پاڻ سندن وڏي بنگلي تي تشريف فرما آهن.“ سندن شفقت، محبّت، اخلاق، خلوص، گفتگو جو انداز نشست و برخاست جو طريقو ڪچهريون، رهاڻيون ۽ محفلون سدائين دل جي لوح تي محفوظ رهنديون.

ڪي اوڏائي ڏور ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين،
ڪي سنيرجن نہ ڪڏهين ڪي وسرن نہ مور
جيئن مينهن ڳنڍيءَ پور تيئن دوست وارا ڪو دل سين

شاهہ ڀٽائي رحہ

مخدوم المخاديم، عالي جناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ رحمت الله عليه جن جو انتقال پُر ملال 11 جنوري 1993ع تي ٻپهرن جي قريب جناح هاسپيٽل ڪراچيءَ ۾ ٿيو. سندن تدفين ٻئي ڏينهن 12 جنوري 1993ع تي ڏينهن جو 12 بجي کان پوءِ حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقيرؒ جن جي مقبري ۾ پکن وارن صاحبن ؒ جي والد، سندن همنام بزرگ ۽ تڙ ڏاڏي حضرت مخدوم محمد زمان رابعؒ جن جي پيرانديءَ کان الهنديءَ ذڪڻ واري ڪنڊ ۾ ٿي:

مون ڀانيو مون وٽ هميشہ هوندا سپرين
ويڙهو ڏيئي ويڪرو ڀهري ويا ڀٽ
ساهہ جنين جي سٽ وڪيم تي وٽڪار ۾

حضرت شاهہ ڀٽائي رحہ